ڪنهن چنتا کي متائي ڦٽو ڪرڻ چاهيو ٿا پر ان
کي خود اوهان ئي نہ پاڻ پسند ڪيو آهي ڪنهن
تي مڙهي ڪانہ آهي.

ڪنهن ڊپ کي ڪڍڻ چاهيو ٿا پر ان جو نواس استان
جي من مندر ۾ هي آهي ۽ نہ ڪِ ان جي هٿ ۾ جو
کي ڊيڄاري ٿو

نفت اهي سڀ شيون هڪ ٻئي سان گڏ جي اوهان جي
موجوده رهن ٿيون جن کي اوهان چاهيو ٿا ۽ جن کان
ڊڄو ٿا، جن کان اوهان کي نفرت آهي ۽ جن لاءِ
کي اندر ۾ لالسا آهي، جن جي پنيان ڊوڙي رهيا
و ۽ جن کان اوهان جو ڇٽڪارو پائڻ چاهيو ٿا.

سڀ شيون اوهان جي اندر ۾ ڇايا ۽ پرڪاش وانگر
روپ ۾ آهن جيڪي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي نہ سگهن
هان جي اندر گهمي رهيون آهن.

راتيون واسنا ۽ شوڪ کان خالي هونديون.

بلڪ جڏهين اِهي ڳالهيون اوهان کي دکي ڪنديون تڏهين اوهان انهن تي سوپ پائي مڪت ٿيندا. پر اوهان پنهنجي ڏينهن ۽ راتين تي سوپ ڪيئن پائيندا جيسين اوهان انهن زنجيرن کي ٽوڙيو ناهي جن کي اوهان پنهنجي گيان جي پرهه ڦٽيءَ ۾ پنهنجي ٻپهرين جي چوڌاري ڪسي ٻڌي ڇڏيو آهي.

حقيقت ۾ جنهن کي اوهان آزادي چئو ٿا سا هنن سيني کان مضبوط زنجير آهي.

جينوٽيڪ سندس ڪڙيون اس ۾ چمڪن ٿيون ۽ اوهان جي اکين کي اچرج ۾ وجهن ٿيون ۽ اهي آهن ڇا ؟ اوهان جا خود جا ٽڪر ئي تہ سهين جنکي تياڳ ڪري اوهان آزاد ٿيڻ چاهيو ٿا، اوهان ڪن انياءُ پرپور قانونن کي رد ڪرڻ چاهيو ٿا پر اهي قانون بہ اوهان پنهنجي هٿن سان پنهنجي مستڪ جي للاٽ تي لکيا آهن توهان انهن کي متائي نٿا سگهو چاهي اوهان قانون جا ڪتاب جلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي ججن جي دماغ صاف ڪرڻ لاءِ سڄي سمنڊ کي ڪپايو.

اوهان جنهن ظالم راجا کي تخت تان هٽائڻ چاهيو ٿا تہ پهريائين اِها پڪ ڪريو تہ توهان جي من

15 -وويڪ ۽ واسنا

ڻ وري ڇيو تہ اسان کي وويڪ ۽ واسنا بابت ڪجھ
۽ هن ڇيو تہ

ڀيرا اوهان جو انتهڪرڻ سنگرام ڀومي بڻجيو پوي
وهان جو وويڪ ۽ اوهان جي نياءَ ٻڌي اوهان جي
لالچ جي برخلاف يڌ ڪري ٿي

! مان جيڪر اوهان جي انتهڪرڻ ۾ شانتي پيدا
بڻجي سگهان ۽ اوهان جي اندر پاڻ ۾ مخالفتي
ب هڪ ڪري سگهان.

اهو ڪيئن؞ ڪري سگهندس جڏهين اوهين خود
سند نہ ! نہ !! پنهنجي سيني امنگن جا پريمي نہ

جو وويڪ ۽ توهان جي واسنا اوهان جي سمنڊ پار
تما جو سڙھ ۽ سکان آهي جتي اوهان جو سڙھ ۽
ي پوي تہ اوهان لهرن جي ڏڪن سان ڪٽي جو
هي ويندا يا تہ وچ سمنڊ ۾ جتي هوندا اتي رڪجي
وتہ

ڪيلو راڄ ڪندي مريادا ۾ هلائڻ واري شڪتي آهي
نغام واسنا اها جوالا آهي جا خود پاڻ کي جلائي

جڏھين ڇايا(پاڇو) جھڪو ٿيندو آھي ۽ ختم ٿي ويندو آھي تڏھين اھو پرڪاش (روشنيءَ)جي موڪلائڻ لاءِ وقت وٺندو آھي ۽ ٻئي پرڪاش لاءِ ڇايا ٿي پوندو آھي.

ان ريت جڏھين اوھان جي آزادي پنھن جون ٻيڙيون ٽوڙي ڇڏيندي آھي تڏھين وڌيڪ اُتم آزاديءَ لاءِ ٻيڙيون بڻجي پوندي آھي.

16 - دک

ي۽ پڇيو، اسان کي دک بابت ڪجهہ ٻڌايو ۽
تہ

هو دک ان ڇلڪي (ڇڙدي) کي ٽوڙڻ لاءِ آهي جنهن
جي گيان کي پنهنجي اندر لڪائي رکيو آهي.

۽ طرح ڦل جي ڪنور ڇلڪي کي لاهڻ ضروري آهي
ن سنڌس هرديہ سورج جي پرڪاش ۾ اچي سگهي
ڀ اوهان کي بہ دک جي ڄاڻ ٽيڻ ضرور گهرجي

عين اوهان پنهنجي جيون جي روز مره جي
رن تي پاڻ کي اچرج ۾ رکي سگهو تہ اوهان کي
جو دک اوهان جي سک جي ڀيٽ ۾ گهٽ اچرج ۾
ڙ نہ لڳندو ۽

پنهنجي من جي ڦير گهيڙ کي ان ريت سويڪار

جهڙيءَ طرح اوهان مندن جي متا ستا کي سويڪار
ٺا جي اوهان جي کيتن لاءِ ٿين ٿيون ۽ اوهان
ميہ پنهنجي شوڪ جي سَرءُ کي ڏسي سگهندا

ي دک کي گهڻي ڀاڱي اوهان خود پاڻ پيدا ڪيو

ختم ڪرڻ سوڌو جلندي رهي ٿي.

تنهن ڪري اوهان جي آتما اوهان جي وويڪ کي واسنا
جي اوچائيءَ تائين آڻي سگهي جو هوءَ ٻائي سگهي، ۽
اوهان واسنا کي پنهنجي وويڪ مان پيدا ٿيڻ ڏيو جيئن
اوهان جي واسنا سدائين پنهنجي ناستيءَ ۾ پنهنجو نئون
جنم پائي سگهي ۽ انل پکي وانگر ڀسم ٿي وري جيئرو
ٿي سگهي. مان چاهيان ٿو ته اوهان پنهنجي وويڪ ۽
لالچ جو آءُ آدر پنهنجي گهر ۾ آيل ٻن پيارن مهمانن
وانگر ڪريو،

پڪ آهي ته هڪ مهمان جو ٻئي مهمان کان وڌيڪ آءُ آدر
اوهان ڪونه ڪندا ڇو ته جو هڪ جو وڌيڪ خيال رکي ٿو
اهو ٻنهي جي پريم ۽ وشواس کي وڃائي وهي ٿو جڏهين
اوهان پهاڙن ۾ نم جي وڻ جي سينل (ٿڌي) ڇانوَ ۾، ڪيتن
۽ ميدانن جي شانتيءَ ۽ گنڀيرتا ۾ ياڳ وٺندي وهو تا
تڏهين اوهان جو هرديه ان شانتيءَ ۾ ٻولي،" ايشور
وويڪ ۾ رهي ٿو" ۽ جڏهن طوفان اٿن، تيز هوا جهنگلن
کي ختم ڪري ۽ بجلي ۽ بادلن جي ڪڙڪ آواز، آڪاش
جو شاندار دٻدٻو ظاهر ڪن ٿا تڏهين اوهان جو هرديه دپ
۾ اچي چوي ٿو" ايشور واسنا ۾ چڪر ڏيئي ٿو" ۽ جيئن
ته اوهان پريوءَ جي دنيا ۾ هڪ ساهه آهيو ايشور جي
جهنگل ۾ هڪ پن آهيو تنهن ڪري اوهان به وويڪ ۾
نواس ۽ واسنا ۾ چڪر ڏيو

17 -آتم گيان

سي؟ پڇيو

ن بابت اسان کي ڪجهه ٻڌايو؟ هن جواب ڏنو ته
و من شانت ۾ ڏينهن ۽ رات جي رازن کي ڄاڻي

ن جا ڪن اوهان جي هرديه جي گيان جو آواز
پياسي آهن.

اوهان ويچارن ۾ سدا ڄاڻيندا رهو ٿا، انهن
ن شبدن ۾ به ڄاڻڻ چاهيو ٿا ۽ ائين ڪرڻ نيڪ

ي آتما جي لڪيل پاڻيءَ جي لهر کي ٻاهر نڪري
ڪري سمنڊ ڏانهن وهڻ گهرجي تڏهين اوهان
ر گهراين ۾ لڪيل خزاني کي پنهنجي اکين
هران ظهور ڏسي سگهندا.

ن جي لڪيل خزاني کي تورڻ لاءِ تارازيءَ جي
ه آهي.

انس يا ماپي ڪرڻ واري ڏوريءَ سان پنهنجي
ي گهرائي ماپڻ جي ڪوشش هرگز نه ڪريو، ڇوته،

دک ھک ڪوڙي دوا آھي جنھن وسيلي اوھان جو ان
واسي حڪيم اوھان جي روڳ پٽي کي ٺيڪ ڪري ٿو

ان ڪري پنھنجي حڪيم تي وشواس ڪريو ۽ سندس ڏ
دوا کي چپ چاپ شانتي ڪري پي وٺو جو تہ، سندس ھ
جيتوڻيڪ ڪنوڙ، سخت ۽ ڳرا(ڀاري) آھن، پر اھي بہ ا
ڏنل شڪتيءَ جي ڪومل ھٿ سان پيدا ٿيل آھن، ۽ سند
ڏنل پيالو جيتوڻيڪ اوھان جي چپن کي جلائي ٿو،
تنھن ھوندي بہ اھو ان مٽيءَ سان ٺاھيو ويو آھي جنھ
کی ڪنير پنھنجی پوتر ڳوڙھن سان ڳوھيو آھی.

18 - پڙهائي

ن هڪ ماستر چيو

ڪي پڙهائيءَ بابت ڪجهه چئو ۽ هن چيو ته

ن جي گيان جي پرهه ڦٽيءَ ۾ جو ڪچ پهريائين
ڏوري ننڊاڪري اوستا ۾ آهي، انڪان سواءِ ڪير به
نجي اگيان ٻيو ڪجهه وڌيڪ ظاهر نٿو ڪري سگهي

استر پنهنجي شاگردن جي وچ ۾، مندر جي ڇايا
چڪر ڏيئي ٿو ته هو انهن (شاگردن) کي پنهنجي
جو قطرو نه بلڪ پنهنجو وشواس ۽ ماتا روپي پيار
ن ٿو.

ڌهن هو حقيقت ۾ ٻڌيمان آهي ته هو توهان کي
جي گيان مندر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نه چوندو بلڪ هو
ن کي اوهان جي ٻڌيءَ جي چانئٺ(منڊ) تائين
ويندو.

(نکشتر) وديا جو ڄاڻو آڪاش جي گيان بابت اوهان
الهه ٻولهه ڪري سگهي ٿو پر هو پنهنجو گيان اوهان
يئي ڪونه سگهندو

ندر ڳائي ڪري اوهان کي سيڱي سرن جي

آتما اڳاڌ ۽ اسيم (اڻميو) سمنڊ آھي جنھن جي ماپ
ڪرڻ ڏکي آھي.

” مون سچ کي ڄاتو“ ائين نہ چئو،

پر ائين چئو تہ” مان ھڪ سچ کي ڄاتو“ مون آتما ج
رستو ڳولھي پاتو ائين بہ نہ چئو پر ائين چئو تہ ” مار
پنھنجي رستي تي ھلندي آتما جو درشن ڪيو“ چوتہ

آتما سڀني رستن تي ھلي ٿي

آتما صرف ھڪ ليڪ تي نٿي ھلي ۽ نہ اھا ھڪ ڪاني
وانگر اسري ٿي

آتما پاڻ کي ان ڪمل وانگر کولي ٿي ۽ وڌائي ٿي
جنھن جا پن اڻ ڳڻيا آھن.

19-دوستي

جوان چيو تہ ، اسان کي دوستي بابت ڪجھہ ٻڌايو ۽
جواب ڏنو تہ

جو دوست اوهان جي ڪوٽ جي گهرج جي پورائي
.

وهان جو کيت آهي جنهن ۾ اوهان پريم جو ٻج پوکيو
احسانمنديءَ جو ڦل پايو ٿا،

وهان جو ڀوجن گهر آهي ۽ ساڳئي وقت آرام جي جڳهہ
چو تہ

ان وٽ پنهنجي بک کٽي وڃو ٿا ۽ شانتي پائڻ جي
سان ان جي تلاش ڪريو ٿا

ين اوهان جو دوست اوهان جي سامهون پنهنجي دل
رکي ٿو تہ توهان پنهنجي من جي ”نہ“ کي ظاهر
۾ نہ هچڪو ۽ نہ وري ”ها“ ڪرڻ ۾ ڊڃو جڏهين
پ ٿئي تڏهين بہ اوهان جو من هن جي دل جو آواز
بند نٿو ڪري، ڇو تہ دوستيءَ ۾ اڪرن جي مدد کان
سمورا ويچار، سموريون ڪامنائون ۽ سموريون
شون اڻ مئي آنند سان اتپن ٿين ٿيون ۽ آنند ڏين

ڪجھہ ليہ جو آنند ۽ موج وٺائي سگھي ٿو پر هو ان سرن جي ليہ موج کي پڪڙي سگھڻ لاءِ ڪن ڏيئي نٿو سگھي ۽ نہ وري آواز ڏيئي ٿو سگھي جو ان کي موٽ ۾ ڪير ڳائي سگھي.

حسابن ۾ تمام هوشيار اوهان سان تور ۽ ماپ جي بنياد بابت ڪجھہ ڳالهائي سگھي ٿو پر هو توهان کي اتي وٺي وڃي ڪونہ سگھندو، ڇو تہ

هڪ انسان جي درشن شڪتي ٻئي انسان کي ڪنپ ڏيئي نہ سگھندي ۽ جيئن ايشور جي درشنيءَ ۾ اوهان سڀ الڳ الڳ بينا آهيو، ان ريت اوهان مان هر هڪ کي پنهنجي ايشور جي گيان بابت ۽ ان جي سمجھڻ ۾ اڪيلو هي رهڻ گھرجي.

ت ڇا اھڙي شيءِ آھي جنھن جي اوھان پنھنجو
ن ڪاٽڻ ۽ وڃائڻ لاءِ تلاش ڪريو بلڪ سدائين وقت جو
ڏو وٺڻ لاءِ اوھان ان جي تلاش ڪريو

ته

جو ڪم اوھان جي گھرج پوري ڪرڻ آھي ۽ نه اوھان
ن ڪوت کي ڀرڻ لاءِ ۽

ستيءَ جي ميناج ۾ کل ۽ خوشيءَ جو ڇڇٽو ھجي ،

ته

ڍين ننڍين شين جي ماڪ جي بوندن ۾ ھرديه پنھنجي
يات ڏسي ٿو ۽ تازو توانو ٿي اٿي ٿو.

تيون.

جڏهين اوهان پنهنجي دوست کان الڳ ٿيو ته دک نه ڪريو،

ڇو ته اوهان ان ۾ جنهن شئي کي سڀ کان وڌيڪ پيار ڪريو ٿا، اهوئي سندس غير حاظريءَ ۾ وڌيڪ ظاهر ٿي سگهي ٿو جهڙيءَ طرح هڪ جبل تي چڙهندڙ کي ميدانن مان جبل وڌيڪ صاف ۽ سندر ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

پنهنجائپ کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ گهرو ڪرڻ کان سواءِ اوهان جي دوستيءَ ۾ ٻيو ڪو به مطلب ٿيڻ نه گهرجي

ڇو ته

جو پريم پنهنجي راز جي گهونگهٽ کولڻ کان سواءِ ڪجهه وڌيڪ کوج ڪري ٿو، اهو پريم ناهي پر هڪ ڄار آهي جنهن ۾ نڪمي ۽ بيڪار وستو کان سواءِ ٻيو ڪجهه نٿو ڦاسي،

اوهان جي سڀ کان وڌيڪ پياري ۾ پياري شيءَ اوهان جي دوست لاءِ ٿيڻ گهرجي،

جنهن اوهان کي جيون جي سمنڊ ۾ مصيبتن ۾ ساٿ ڏنو آهي، انکي پنهنجي ترقيءَ ۽ سک جي وقت گڏ رکو،

ڇو ته

سمجهي نٿا سگهن، ۽ ڪي انسان اهڙا آهن جن کي
ــ ۾ سچ آهي پر هو زبان سان چئي نٿا سگهن.

ي ئي انسانن جي هرديه ۾ آتما موج جي راڳ ۾
ي ڪري ٿي.

ين اوهان پنهنجي دوست کي سڙڪ تي يا بزار ۾
نڌهين اوهان جي ڀاونا اوهان جي چپن کي چوري ۽
ي کي هلائي.

ن جي واٽيءَ جي واٽي سندس ڪنن جي ڪنن ۾
ي ٿئي، ڇو ته

س آتما اوهان جي هرديه جي سچ کي سنڀالي رکندي،
زيءَ طرح شراب جي پيالي سامهون نه هجڻ ڪري،
جي رنگ جي ياد نٿي رهي پر ان جي سواد جي ياد
ي ٿي.

20 -بحث مباحث

تڏهين هڪ ودوان چيو تہ اسان کي بحث مباحث بابت ڪجھہ ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو تہ

جڏهين توهان ۾ توهان جي ويچارن ۾ شانتي نٿي رهي تڏهين اوهان بحث مباحث ڪريو ٿا

جڏهين اوهان پنهنجي هرديہ جي ايڪانت جي نواس ۾ وڌيڪ رهي نٿا سگهو تڏهن پنهنجو واسو چپن تي آڻيو ٿا ۽ واڻي ڦير گهيڙ ۽ وقت ڪاٽڻ جو وسيلو آهي ۽

اوهان جي گهڻين چرچائن ۾ ويچارن جو ڪچو منبر ڪديو وڃي ٿو چو تہ

ويچار آڪاش جو پکي آهي جو شبدن جي پڃري ۾ پنهنجا کنپ بيشڪ ڦڙڪائي ٿو پر اڏامي نٿو سگهي.

اوهان مان ڪيترا ايڪانت کان ٻجي ڳالهائيندڙن جي کوج ڪن ٿا، چو تہ

ايڪانت انهن جي اکين سامهون سندن ننگو روپ ظاهر ڪري ٿي ۽ هو ان کان بچڻ چاهن ٿا، ۽ ڪي انسان ڳالهائيندي، اڻ ڄاڻ ۾ ڪو سچ چئي وهن ٿا، جنهنکي هو

ي بہ اھو ڪير محسوس نٿو ڪري تہ اھو پريم جنھن
ڪا حد (سيما) نہ آهي ان جي موجودگيءَ جي وچ ۾
ي نہ تہ ھڪ پريم پاونا ڪان ٻئي پريم پاونا ڏانھن
ھڪ پريم ليلا ڪان ٻئي پريم ليلا ڏانھن وڌي ٿو.

ريم وانگر وقت بہ اڻ مٽو ۽ اچل نہ آهي ؟

ن جي اوھان وقت کي پنھنجي ويچار ۾ مندن ۾
چاھيو ٿا تہ ھر ھڪ مند کي ٻين سڀني مندن کي
و ڪرڻ ڏيو ۽ اڄ جي يادگيريءَ دواران گذريل جو ۽
دواران آئينده جو سنڪار ڪرڻ ڏيو.

21 - وقت

ايتري ۾ هڪ نڪشتر وديا جي ڄاڻوءَ پڇيو مالڪ، وقت جي بابت ڪجھ ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

توهان ان وقت جي ماپ ڪرڻ چاهيو ٿا جنهن ڪي نہ ماپ آهي ۽ نہ ماپي سگھجي ٿو،

وقت ۽ مندن جي انوسار اوهان پنهنجي وهنوار ۽ آتما کي بہ نهڪائڻ چاهيو ٿا،

وقت کي اوهان هڪ نهر بڻائڻ چاهيو ٿا جنهن جي ڪناري تي ويهي اوهان ان جي وهڪري کي ڏسڻ چاهيو ٿا

ليڪن اوهان جي اندر جو واسي اوهان جي جيون جي وقت جي گھٽتائي کي ڄاڻي ٿو تہ گذريل ڪلھ اڄ جي يادگيري آهي ۽ ايندڙ سڀاڻي اڄ جو سپنو آهي ۽ اهو جو اوهان جي هرديہ ۾ رهي ٿو ۽ ويچار ڪري ٿو هاڻي بہ ان پهرينءَ گھڙيءَ جي دائري ۾ نواس ڪري ٿو جنهن گھڙيءَ آڪاش ۾ تارن کي پکيڙيو آهي-
توهان ۾ اهڙو ڪير آهي جيڪو اهو سمجھي نٿو تہ سندس پريم ڪرڻ جي شڪتي اڻ مئي(اسيم) آهي ۽ تنهن

ر پلي گھمي پر تنهن هوندي بہ شل سرن درياھ نہ
ي.

هين اوهان پنهنجو پاڻ کي دان ڪرڻ لاءِ ڪنن محنت
ريو ٿا، تڏهين اوهان سنا آهيو.

هين بہ اوهان برا نہ آهيو جڏهين پنهنجي لاپ لاءِ
حنت ڪريو ٿا، ڇوتہ

ڏهين اوهان لاپ لاءِ ڪنن محنت ڪريو ٿا تڏهين توهان
رف هڪ پاڙ آهيو جا پرٿويءَ کي ڇهتي سندس ٿڃ
ئي ٿي، پڪ آهي تہ ڦل پاڙ کي ڪونہ چوندا تہ ”تون بہ
ان وانگر ٿيءُ پورو پڪل ۽ ٻين کي پنهنجو سڀ ڪجهہ
يڻ لاءِ سدائين تيار“ ڇوتہ

ل جي ضرورت آهي ڏيڻ ۽ پاڙ جي ضرورت آهي وٺڻ.

هان سنا آهيو جڏهين اوهان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سدائين
بردار آهيو پر

ڏهين بہ اوهان برا نہ آهيو جڏهين اوهان سنل آهيو ۽
هان جي زبان بي‌مطلب آلاپ ڪري ٿي ۽

ي مطلب آلاپ بہ ڪمزور زبان کي مظبوط بڻائي سگهن
.

هان سنا آهيو جڏهين اوهان پنهنجي منزل مقصود ڏانهن

22 - ڀلائي برائي

شهرجي هڪ بزرگ پڇيو،

اسان کي ڀلائيءَ ۽ برائيءَ بابت ٻڌايو ۽ هن جواب ڏ

اوهان ۾ جا ڀلائي آهي ان بابت ته مان چئي سگهان
پر برائيءَ جي بابت ڪجهه نه،

برائي آهي ڇا؟ بک ۽ اڃ کان ستايل ڀلائي ئي ته برا
آهي

جڏهين ڀلائيءَ کي بک لڳي ٿي تڏهين اونداهي گف
۾ به هوءَ پنهنجو کاڌو ڳولهي ٿي ۽ جڏهين کيس اڃ ل
ٿي تڏهين گندو پاڻي به پي وڃي ٿي.

جڏهين اوهان سروپ سان ملي هڪ ٿيو ٿا تڏهين اوه
سنا آهيو، پر

جڏهين اوهان سروپ سان ملي هڪ نٿا ٿيو تڏهين
اوهان برا نه آهيو ڇو ته وراهيل گهر چورن لاءِ خوشي نه
وراهيل گهر ئي آهي

۽ هڪ بنا ونجهه ٻيڙي خطرناڪ ٻيٽن ۾ بنا مقصد اڏ م

ي جنهن شخص جون اڇائون وڏيڪ ۽ پربل آهن، ان
اڻ کان گهٽ ۽ ڪمزور اڇائن واري کي ائين چوڻ نہ
ڇي تہ” توهان سست ۽ رڪجي هلڻ وارا ڇو آهيو“
ہ ڪير بہ سچ پچ نيڪ انسان اگهاڙي کان اِهو نٿو
ن تہ ” تنهنجا ڪپڙا ڪٿي آهن“ ۽

نهن بناگهر بار واري کان پڇي ٿو تہ ” توهان جي
ار کي ڇا ٿيو.“

مظبوط اِرادي ۽ همٿ سان اڳتي پيروڊايو ٿا ۽

تڏهين بہ اوهان برا نہ آهيو جڏهين اوهان ان ط
لنگڙائي لنگڙائي هلو ٿا.

لنگڙائي هلندڙ انسان بہ پنتي کونہ موٽندا ليڪن
مظبوط ۽ ڦڙت آهن تن کي گهرجي تہ اِها پاڻ تي ڪ
سمجهي، ڪڏهن لنگڙي کي سامهون ڏسي پاڻ بہ لنگڙ
هلڻ شروع نہ ڪن. توهان اڻ ڳٽئي طريقي طور سنا آه
پر جي اوهان سنا نہ آهيو تہ برا بہ ڪونہ آهيو، ص
اوارا ۽ آلسي آهيو.

افسوس! هرڻ ڪميءَ يا ڪچئي کي پنهنجي ڦڙتا
سيکاري نٿو سگهي. وراٿ سروپ جي پاڻڊ جي اڇا
توهان جي پلائي لکيل آهي، پر اهڙي قسم جي اڇا
هڪ پراڻي ماٿر ۾ آهي.
ليڪن اوهان مان ڪن ۾ اِها اڇا ايتري تہ ڀرپور آهي
پهاڙن جو ڳجهو سنديش ۽ گهاٽن گهاٽن بنن جي م
هوا پاڻ سان ڪٽي زور شور سان سمنڊ ڏانهن ڊوڙندا وڃ
ٿا، ۽ ٻين ڪن ۾ اِها اڇا هڪ هوا جي جهوتي وانگر آه
جا سمنڊ جي ڪناري تي پهچڻ ڪان اڳ ذڪا ٿ
ڪائيندي گهمندي ڦرندي رستي تي ئي، ختم ٿي وڃ

ٿي

سانن سان ملڻ لاءِ مٿي چڙهو ٿا جي بہ ان گهڙيءَ
کن ٿا ۽ جن سان اوهان بنا پراٿنا ڪرڻ ملي نٿا

ڪري اوهان جو ان اڻ ڏٺل مندر ۾ داخلا، پرم
مڏر ميلاپ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي- ڇو تہ

ڪجهہ بيک مڱڻ جي خيال کان ۽ بنا ڪنهن
قصد جي اوهان مندر ۾ وڃو ٿا تہ اوهان کي ڪجهہ
ملندو ۽ جي اوهان ڏين ۽ داس ٻڻڻ جي اڇا کان
وڃو ٿا تڏهين بہ اوهان جو اُڌار ڪونہ ٿو ٿئي، ۽
جي ٻئي جي ڀلي لاءِ بہ ڪجهہ گهرڻ وڃو ٿا تڏهين
ان جي شنوائي نہ ليکبي- اوهان لاءِ تہ ايترو ڪافي
تہ بنا ڪنهن بہ اُديش جي مندر ۾ وڃو-

سان پرارٿنا ڪرڻ مان اوهان کي سيکاري نٿو سگهان

اوهان جي شبدن کي تيسين نٿو ٻڌي جيسين ايشور
وهان جي ڇپن دواران نٿو ٻولي-

وهان کي سمنڊن پهاڙن ۽ ٻنن جي بہ پرارٿنا نٿو
ري سگهان،

اوهان جو پهاڙن، جهنگلن ۽ سمنڊن مان پيدا ٿيا
پنهنجي هرديہ ۾ انهن جي پراٿنا پائي سگهو

23 - پراٿنا

تڏهين هڪ پوڄاريءَ چيو تہ اسان کي پرارٿنا بابت ٻڌايو،
۽ هن جواب ڏنو

توهان پنهنجي ڏک ۽ گهرج جي ڏينهن ۾ پراٿنا ڪريو ٿا، پر جيڪڏهين اوهان پنهنجي خوشي موج ۽ سک سلامتيءَ جي ڏينهن ۾ بہ پراٿنا ڪريو تہ ڪيترو نہ سهڻو ٿئي.

ڇو تہ پراٿنا آهي ڇا؟

صرف سروپ جو چداڪاش ۾ وڪاس ٿئي تہ ۽

جيڪڏهين پنهنجي انڌڪار کي آڪاش ۾ ٻولهڻ ۾ توهان جي آنند جو ڪارڻ آهي تہ توهان جي هرديہ جي پرڀ ڦٽيءَ کي ٻولهڻ ۾ بہ اوهان جي خوشيءَ جو ڪارڻ آهي، ۽ جڏهين اوهان جي آتما توهان کي پراٿنا ڪرڻ لاءِ پڪاري، ان وقت جي اوهان روئڻ بنا نٿا رهي سگهو تہ اوهان جي روئندي بہ هوءَ اوهانکي اتساهت ڪندي رهي جيستائين ڪِ اوهان کلندي نہ اچو

جڏهين اوهان پراٿنا ڪريو ٿا تڏهين توهان وايو منڊل ۾

24 - موج بهار

ين هڪ ويراڳيءَ جو شهر ۾ سال ۾ صرف هڪ دفعو
و هو اُهو اڳتي وڌيو ۽ پڇيائين ، سائين اسان کي
بهار بابت ٻڌايو-

بهار هڪ مکتيءَ پريو راڳ آهي

ا مکتي نہ آهي

توهان جي ڪامنائن جو ڦلجڻ آهي ليڪن اهو انهن
ل نہ آهي

هڪ اونهائي آهي جا متي چڙهڻ لاءِ پڪاري ٿي

ن اها خود نہ گهري آهي ۽ نہ اوچي آهي

هڪ پجري ۾ بند ٿيل لاءِ اڏامڻ آهي ليڪن اهو
ري جي حد نہ آهي-

سچ پچ موج بهار مکتيءَ پريو راڳ آهي مان
يان تو تہ توهان پرپور هرديہ سان ڳايو، ليڪن اهو
چاهيان تہ ڳائڻ ۾ هرديہ کي وڃائي وهو.

ان مان ڪيترا نوجوان موج بهار جي ان نموني ڳولها
دو ڦرندا آهن، جڻ تہ اها ئي سڀ ڪجھ آهي ۽ ان

ٿا،

پر جي اوھان رات جي شانتيءَ ۾ ڪيس ٻڌندا تہ ايڪانت ۾ هيءُ چوندو ٻڌندا ”هي اسان جا ايشور، اسان جي ئي ڪنين وارا سروپ اسان ۾ هيءَ تنهن جي ئي اڇا آهي جيڪا اڇا ڪري ٿي.“

اسان ۾ هيءُ تنهنجي ئي ڪامنا آهي جا ڪامنا ڪري ٿي

اسان ۾ هيءَ تنهن جو ئي اتساھ آهي جو اسان جي راتين کي، جي در حقيقت تنهن جون ئي آهن ڏينهن ڪري ٿو، جي بہ تنهن جا آهن ”اسين توکان ڪنهن بہ شيءَ جي گهر ڪري نٿا سگهون ڇوتہ تون اسان جي گهرجن کي سندن پيدا ٿيڻ کان اڳ هي ڄاڻين ٿو، تون ئي اسان جي ضرورت آهين ۽ اسان کي تون پنهنجو پاڻ وڌ ۾ وڌ ڏيئي ڪري تون اسان کي سڀ ڪجھ ڏين ٿو“

لهاڪرڻ ۾ ياد ڪرڻ جي ڌپ ڪان اهي ساري خوشي کي
نجلي ڏيئي ڇڏين ٿا تہ ڪٿي اهي آتما کي وساري
وهن يا ان جي برخلاف ڪو ڪم نہ ڪري وهن.

يڪن انهن جي تياڳ ۾ بہ انهن جي خوشي آهي
عڙيءَ طرح انهن کي بہ خزانو هٿ اچي ٿو جيتو ٽيڪ
ي ڏڪندڙن هٿن سان پاڙن جي ڳولها ۾ کوٽائي ڪن
.

يڪن مون کي ٻڌايو اهڙو ڪير آهي جيڪو آتما لاءِ
ناهہ ڪري سگهي ؟

ڇا ڪويل رات جي ايڪانت ۾ چڪور آڪاش ۾ تارن جي
ندل لاءِ گناهہ ڪري سگهي ٿو؟
ڇا اوهان جي روشني ۾ دونهون هوا کي ڳورو ڪري سگهن
ا ؟

ڇا اوهان ائين سمجهو ٿا تہ آتما هڪ بيٺل پاڻيءَ جو
ڍبو آهي جنهن کي اوهان لڪڙيءَ سان کوٽي سگهو ٿا

موج مستيءَ کي نہ مڃيندي اوهان پنهنجي وجود جي
ايڪانت گهڙين ۾ پاڻ لاءِ واسنا کي ڪنو ڪريو ٿا ڪير
ٿو ڄاڻي تہ جنهنکي اڄ ڇڏيو ويو آهي يا تياڳ ڪيو
ويو آهي، ان جو سڀاڻي انتظار ڪرڻو پوي.

تي ئي سندن ساراهه يا گلا ٿئي ٿي.

مان انهن جي نه گلا ڪندس نه ساراهه مان انهن ڪي موج بهار جي ٻولها ڪرڻ ڏيندس، ڇو ته

انهن کي موج بهار پراپت (حاصل) ٿيندي پر اها اڪيلي نه،

ان جون ست پينر آهن ۽ انهن مان ننڍي ۾ ننڍي موج بهار کان به وڌيڪ سندر آهي.

ڇا اوهان ان آدميءَ بابت ڪڏهين نه ٻڌو آهي جو پاڙن جي کوج ۾ ڌرتي کوٽي رهيو هو ۽ کيس ملي ويو هو خزانو؟ ۽ توهان مان ڪيترا وڏا ۽ ٻڍا موج بهار کي ان نموني ۾ ياد ڪري پڇتائين ٿا ته انهن نشي ۾ غلطيون ڪيون آهن.

ليڪن پڇتائڻ من تي بادلن جو گهيڙو ڪري اڇڻ آهي ۽ نه ڪِ پوتر ڪرڻ جو وسيلو آهي
انهن کي موج مستي احسانمنديءَ سان ياد ڪرڻ گهرجي جهڙيءَ ريت هو اونهاري جي فصلن کي ياد ڪن ٿا، پر جيڪڏهين هو پڇتائڻ ۾ سک پائن ٿا ته انهن کي ضرور اهو سک وٺڻ گهرجي ۽ اوهان مان ڪيترا اهڙا به آهن جي نه ته موج بهار جي ٻولها ڪرڻ لاءِ نوجوان آهن ۽ نه ته ان جي پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ ٻڍا آهن

25 - سندرتا(سونهن)

هڪ شاعر پڇيو تہ اسان کي سندرتا بابت ٻڌايو ۽ هن جواب ڏنو

اوهان سندرتا کي ڪٿي ڳولهيندا ۽ ان کي ڪيئن پائيندا جيستائين اها خود اوهان جو رستو ۽ اوهان جي رستي تي مسافر نہ بڻجي

اوهان ان جو بيان ڪيئن ڪندا ، جيسين تائين اها خود اوهان جي واڻيءَ کي ٻولڻ واري نہ بڻي، دکي چون ٿا سندرتاديالو ۽ ڪوملُ آهي. نوجوان ماتا وانگر پنهنجي مرجهايل شرميلي شان سان هوءَ اسان جي وچہ گهمي ٿي، ڪامي چون ٿا ” سندرتا شڪتي وان آهي ۽ ان کان ڊڄڻ گهرجي، اها طوفان وانگر اسان جي هيٺان پرٿوي ۽ مٿان آسمان کي ڌوڏي ڇڏي ٿي“

ٿڪل ۽ پريشان چون ٿا ”سندرتا ڪومل سس پس جي پيدائش آهي ۽ هوءَ اسان جي آتما ۾ وسي ٿي اونده جي ڊپ کان ڏڪندڙ جهڪي روشنيءَ وانگر سندس واڻي اسان جي ايڪانت کي روح بخشي ٿي“ پر بي چئن شخص چون ٿا” اسان ان کي پهاڙن تي گجندو ڏنو آهي ۽ سندس

اوھان جو شرير بہ پنھنجي موجودگي ۽ ضرورتون سمجھي ٿو ۽ ھو پاڻ کي دوکو نٿو ڏيئي سگھي.

اوھان جو شرير اوھان جي آتما جي ستار آھي ۽ اھو

اوھان جي ھٿن ۾ چڏيل آھي تہ اوھان ان مان مڌر سر کڍو يا بي سرا آواز کڍو.

ھاڻ پنھنجو پاڻ کان سوال پڇو تہ موج مستيءَ ۾ جو پلو آھي يا پلو نہ آھي ان کي ڪيئن الڳ ڪندا ۽ پنھنجي ٻنين ۽ باغن ۾ وڃو تہ اوھان ڏسندا تہ ماکيءَ جي مک لاءِ موج مستي گلن تان ماکي گڏ ڪرڻ ۾ آھي

گلن جي موج مستي بہ ماکيءَ جي مک کي ماکي دان ڪرڻ ۾ آھي ڇو تہ،

ماکيءَ جي مک لاءِ گل ئي زندگي ۽ جيوت جو سھارو ۽ چشمو آھي ۽

گل لاءِ ماکي جي مک پريم جو سنديش پھچائيندڙ آھي

ماکيءَ مک ۽ گل ٻنھي لاءِ موج مستي وٺڻ ۽ ڏيڻ ضرورت ۽ پرم آنند آھي

اي آرفاليز واسيو پنھنجي موج مستيءَ ۾ گل ۽ ماکيءَ مک وانگر بڻجو.

ڪ هڪ روشن هرديه ۽ منتر مست چت. اِها نہ تہ اُها
ورتي آهي جنهن کي اوهان ڏسي سگهو ۽ نہ اهو ڳانو
هي جنهن کي اوهان ٻڌي سگهو

ر اها اهڙي مورتي آهي جنهن کي اوهان ڏسي سگهو ٿا
جڏهين اوهان پنهنجون اکيون بند ڪريو ۽ اهڙو راڳ
آهي جنهنکي اوهان ٻڌي سگهو ٿا، پر جڏهين اوهان
پنهنجا ڪن بند ڪريو. هوءَ نہ تہ ڪتريل ڇوڏي جي
رس آهي ۽ نہ ننهن يا چنبي سان ڳڏيل ڪنپ

لڪ هوءَ سدا سر سبز رهندڙ ڪتيا ۽ سدائين ديو ديوتائن
جي ميڙ ۾ اڏامندڙ وستو آهي.

ي آرفاليز واسيو ، سندرتا زندگي آهي.

جڏهين ڪِ زندگي پنهنجي پوتر مک جو گهونگهٽ
هٽائي ٿي، پر اوهان زندگي آهيو ۽ اوهان گهونگهٽ
آهيو، سندرتا آرسيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسندڙ امرتا
آهي-

ليڪن اوهان ئي امرتا آهيو ۽ اوهان ئي اها آرسي آهيو.

گجگوڙ سان گڏ جا نورن جي پيرن جو آواز، پکين جي ڪنين جو ڦڙ ڦڙ ڪو ۽ شينهن جي گجگوڙ ٻڌي آهي. شهر ۾ رات جا پهريدار چون ٿا ”پريات سان گڏ سندرتا اوير ڪان اپرندي“

ٻپهرين ۾ مزدور ۽ راهگير چون ٿا ” اسان ان کي سنجها جي درين ڪان پرتويءَ تي ليٽا پائيندي ڏٺو آهي.“

ٿڌ جي وقت برف ۾ گهيڙيل چون ٿا ” هوءَ بهار جي مند سان جبلن جي چوٽين تي نچندي، ٽپندي، ڪڏندي ايندي“

اونهاري جي مند ۾ لابارو وجهندڙ چون ٿا، ”اسان ان کي سرءُ ۾ پنن چٽڻ سان گڏ نچندو ڏٺو آهي ۽ سندس وارن تي برف جا ذرا پکڙيل ڏٺا آهن،

اهي سڀ ڳالهيون اوهان سندرتا جي باري ۾ چيون آهن

پر حقيقت ۾ اُهي سڀ ڳالهيون اوهان سندرتا بابت نہ، پر پنهنجون پوريون نہ ٿيندڙ خواهش ۽ امنگن بابت چيون آهن ۽ سندرتا خواهش يا گهرج نہ آهي پر پرم آنند ڏيندڙ خوشي آهي.

اِها نہ تہ رڃ ۾ اڃ پوري ڪرڻ وانگر ڪليل وات آهي ۽ نہ گهرج ۾ خالي هٿ ٻيڪ مڱڻ لاءِ وڌيل آهي

۽ اس ان جي شرير ۾ سوراخ ڪونہ ڪنديون جو
نجو وهنوار (هلت چلت) نيتي شاشتر مطابق بيان
ري ٿو، اهو پنهنجي ٻائيندڙ پکيءَ کي پڃري ۾
د ڪري ٿو،

اد سنگيت، شيشن ۽ ٻنڌنن ۾ نٿو اچي. اهو جنهن لاءِ
جا هڪ ڪلندڙ ۽ بند ٿيندڙ دري آهي، پنهنجي آتما
ي يون ۾ گهڙيو ئي ڪونہ آهي، جنهن جون دريون پره
يءَ کان پره ڦٽيءَ تائين(انئي پره)آهن اوهان جو
ز مره جو جيون اوهان جو مندر ۽ اوهان جو ڌرم آهي.

ڏهن جڏهن اوهان ان ۾ وڃو تہ پنهنجو سڀ ڪجهہ
ڻ سان کڻي وڃو.

ٽي وڃو، هر، کهاڙي، هٿوڙي ۽ بنسري. اهي سڀ شيون
ن کي اوهان پنهنجي ضرورت ۽ خوشيءَ لاءِ ناهيو آهي
وتہ،

ان اوستا ۾ توهان پنهنجي ڪاميابيءَ کان مٿي نٿا
ي سگهو ۽ نہ وري پنهنجي ناڪاميابيءَ کان هيٺ
ري سگهو ٿا، ۽

هنجو پاڻ سان گڏ سيني آدمين کي وٺي وڃو چو تہ
جا ۾ اوهان انهن انسانن جي آشائن کان مٿي اڏامي
ا سگهو ۽ نہ انهن جي نا اميدن کان وڌيڪ نراش ٿي

26 - ڌرم

ھڪ ٻڍي پوڄاريءَ پڇيو اسان کي ڌرم بابت ڪجھ ٻڌايو ۽ ھن جواب ڏنو

ڇا مان اڄ جيڪي ڪجھ اڳير چيو آھي سو ڌرم کان سواءِ ٻين وشين تي چيو اٿم-

ڇا ڪرم ۽ چنتن ۽ اھو جو نہ ڪرم آھي ۽ نہ چنتن بلڪ ھرديہ ۾ سدائين انھيءَ وقت بہ جڏھين ھٿ پٿر ڪٽي رھيا آھن يا چرخو چوري رھيا آھن پيدا ٿيندڙ اچرج ۽ چمتڪار ڌرم نہ آھي ؟

ڪير پنھنجي ڌرم کي ڪرم کان ۽ وشواس کي ڌنڌي کان الڳ ڪري سگھي ٿو-

ڪير پنھنجي گھڙين کي ائين چوندو الڳ ڪري سگھي ٿو تہ ” ھيءَ پرماتما لاءِ ۽ ھيءَ منھنجي لاءِ ، ھيءَ منھنجي آتما لاءِ ۽ ھيءَ ٻيو منھنجي شرير لاءِ. توھان جون سموريون گھڙيون ، سروپ کان سروپ تائين، آسمان ۾ اڏامندڙ ڪنب آھن-

جو نيتي مرياداُ کي سڀ کان وڌيڪ اتم ڪپڙا سمجھي پھري ٿو، ان کي اگھاڙو گھمڻ اتم آھي-

27 - موت

ھين المترا چيو، اسان ھاڻ موت بابت پڇون ٿا ۽ ھن
و-

ھان موت جو راز ڄاڻڻ چاھيو ٿا

ڪن توھان جيون جي اونھائيءَ ۾ ڳولھڻ کان سواءِ ڪيئن
يئن ڳولھي سگھندا

و الو جنھنجون اکيون صرف رات جي اونداھيءَ ۾ ڪم
ن تيون ۽ ڏينھن جي روشنيءَ ۾ انڌيون آھن، اھي
ڪاش جي راز جو پڙدو ھٽائي نٿيون سگھن.

ستو ۾ جي اوھان مرتيوءَ جي آتماڪي ڏسڻ چاھيو ٿا تہ
يون جي ڪايا جي سامھون پنھنجي ھرديہ کي کولي
و ڇوتہ

يون ۽ موت ھڪ آھن جيئن ندي ۽ سمنڊ ھڪ آھن.

ھان جي آشائن ۽ اميدن جي گھرائيءَ ۾ اوھان جي
يءَ پر (پرلوڪ) جو گيان لڪيل آھي ۽ برف ۾ دبيل ٻج
نگر اوھان جو ھرديہ بسنت بھار جو سپنو ڏسي ٿو
پنن تي وشواس ڪريو ڇو تہ انھن ۾ امرتا جو دروازو
ڪيل آھي

سگهو ٿا ۔

جي اوهان ايشور کي ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ ڳجهارتن سلجهائيندڙ وارا نہ بڻجو.

بلڪ پنهنجي چئني طرفن نگاهون ڪريو تہ اوهان هن کي پنهنجي ٻارن سان راند ڪندو ڏسندا ۔

آڪاش ۾ نگاهہ ڪريو تہ ان کي بادلن ۾ گهمندو بجليءَ جي چمڪي ۽ برسات جي ڌارا ۾ ڪرندو ڏسندا

توهان ان کي گلن ۾ مشڪندو ۽ وري مٿي اٿندي ۽ وڻن ۾ پنهنجي هٿن کي لوڏيندو ڏسندا

28 - موڪلاڻي

ڻ سنجها تي چڪي هئي ۽ برهم وادني المترا چيو ڏن
ب آهي هيءُ اڄوڪو ڏينهن ، هيءُ آستان ۽ توهان
ب آتما جنهن امرت واڻي ٻڌائي آهي ۽ هن چيو
! اهو مان هوس جنهن ڳالهايو؟

مان ٻه هڪ ٻڌندڙ نه هوس ؟ ۽ پوءِ هن مندر مان هيٺ
ڻ شروع ڪيو ۽ سڀ ماڻهو هن جي پٺيان هلڻ لڳا هو
هنجي جهاز تي پهتو ۽ ان جي ڊيڪ(ڇت) تي وڃي
ٺو ۽ ماڻهن ڏانهن منهن ڪري وري هو زور سان چوڻ لڳو

ر فاليز واسيو، هوا مون کي اوهان کان موڪلائڻ لاءِ چوي

ي۔

ن وڃڻ لاءِ هوا کان گهٽ اتاولو آهيان پر مون کي آخر
جٽو هي آهي

سان گهمندڙ، سدا تمام ايڪانت جو رستو ڳولهيندڙ اتان
يو ڏينهن شروع ڪون تا ڪريون جتي اسان هڪ ڏينهن
ختم ڪيو آهي ۽ سج جو ايرڻ اسان کي اتي نٿو
ئي(ڏسي) جتي سج جي لهڻ اسان کي ڇڏيو هو-
ڏهين ڪِ پرٿوي ٻه آرام ڪري ٿي اسان ياترا ڪريون
. اسان ان مظبوط ٻوٽي جا ٻج آهيون جڏهن پچي تيار

اوهان جو موت کان ڊپ ان ريڊار وانگر آهي جو هڪ راجا جي اڳيان هوندي ڪنبي رهيو هجي ۽ جو ڪيس عزت سان هٿ ملائڻ وارو آهي.

ڇا ريڊار ڪنبندي به خوش نه آهي ته هو راجا جي طرفان ملندڙ نشان پائيندو

پر تنهن هوندي به ڇا هو پنهنجي ڪنبڻ ڏانهن وڌيڪ ڌيان نٿو ڏئي ڇوته

مرڻ ڇا آهي؟ هوا ۾ اگهاڙو ٿي بيهڻ ۽ اس ۾ رجي سمائجي وڃڻ ۽ ساهه جو بند ٿيڻ ڇا آهي ؟

ساهه کي بي چئن ٻنڌنن کان آزاد ڪرڻ جيئن هو مٿي اٿي پاڻ ڦهلائي هلڪو ٿي ايشور جي ڳولها ڪري

جڏهين اوهان امرتا جي نديءَ جو پاڻي پيئندا تڏهين ئي رڳو اوهان سچ پچ ڳائي سگهندا ۽ جڏهين اوهان پربت جي چوٽيءَ تي پهچندا تڏهن هي واستو ۾ اوهان چڙهڻ شروع ڪندا. پرٿوي جڏهن اوهان جي شرير جي سيني عضون کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيندي تڏهين ئي توهان سچ پچ نچندا

خواهش ۽ پريم سندس گهرجن کي سنتشٽ ڪري سو
بدلجي.

ڪري اهو پڪ ڄاڻو ته مان ان ازحد ايڪانت مان
س ايندس.

کو هيڙو جو سج ايرڻ وقت ٻنين ۾ صرف ماڪ جون
دون ڇڏي ويندو آهي وري اٿندو ۽ ڪنو تي بادل بڻجي
ات جي روپ ۾ هيٺ ڪرندو.
ن کو هيڙي ڪان الڳ نموني جو نه رهيو آهيان رات
ي ايڪانت ۾ مان اوهان جي گهٽين ۾ گهميو آهيان ۽
هنجي آتما توهان جي گهرن ۾ گهڙي آهي اوهان جي
جي دک دک منهنجي دل ۾ هئي ۽ اوهان جو ساهه
هنجي مک ۾ هو ۽ مان اوهان سيني کي سڃاڻندو
س. ها، مان اوهان جي آنند ۽ دک کي ڄاڻندو هوس ۽
ٿان جي ننڊ ۾ اوهان جا سپنا منهنجا سپنا هئا. اڪثر
ري مان اوهان جي وچ ۾ هوس جڻ ته پهاڙن جي وچ ۾
ڍ وانگر. مان اوهان جا جبل ۽ وروڪڙ لاهيون ۽ توهان
ب ويچارن ۽ خواهشين جو اڏامندڙن جهنڊن جو اولڙو
مون ڏٺو. منهنجي شانت ۾ اوهان جي ٻارن جي کل
شي جهرڻا بڻجي ۽ اوهان جي نوجوانن جو تمنائون
ديون بڻجي آيون هيون، ۽
ي جڏهين منهنجي گهرائي ۾ پهتيون هيون تڏهين به

ٿيون ٿا يا اسان جا من پرجي وڃن ٿا تڏهن اسان هواجي حوالي ڪيا وڃون ٿا، ۽
اسان کي پکيڙيو وڃي ٿو
اوهان جي وچ ۾ منهنجا ڏينهن ٽورا هئا ۽ منهنجا ٻوليل شبد اجان ٻه ٽورا . ليڪن جڏهين منهنجي واٽي اوهان جي ڪنن ۾ جهڪي ٿي ويندي، يا منهنجو پريم اوهان جي يادگيرن ۾ ختم ٿي ويندو، تڏهن وري مان ايندس ۽ وڏيڪ پرپور هرديه ۽ آتما جي وڌيڪ ويجهو رهندڙ چپن سان مان ڳالهائيندس. ها - مان لهرن سان گڏ موٽندس ۽ پلي موت مونکي ڍڪي ڇڏي ۽ از حد ايڪانت مونکي ويڙهي ڇڏي پر تڏهين ٻه مان اوهان جي عقل(ٻڌيءَ) جي کوجنا ڪندس ۽ منهنجي کوجنا بيڪار ڪانه ويندي.

جيڪي مون ڪجهه چيو آهي جيڪڏهين اهو سچ آهي ته اهو سچ صاف واٽيءَ ۽ آواز ۾ اوهان جي ويچارن سان وڌ ۾ وڌ پنهنجو پاڻ محسوس ڪرڻ واري شبدن ۾ ظاهر ڪندو
مان هوا سان گڏ وڃي رهيو آهيان ليڪن هيٺ پولار(شونيتا) ۾ نه. جيڪڏهين هيءُ ڏينهن اوهان جي گهرجن ۽ منهنجي پريم جي پورائي نه آهي ته هن کي ڪنهن ايندڙ ڏينهن تائين هڪ اقرار رهڻ ڏيو.
انسان جون گهرجون بدلبيون رهن ٿيون پر سندس پريم ۽

ان کي ٻڌايو ويو آهي ته زنجير هوندي به اوهان ڪمزور
ڙيءَ وانگر ڪمزور آهيو.
چوڻ اڏ سچ برابر آهي
هان مظبوط ڪڙيءَ وانگر مظبوط به آهيو
هان جي خسيس ڪمن سان اوهان جي ماپ ڪرڻ ان
ل آهي جيئن سمنڊ جي شڪتيءَ جي ماپ سندس
جيءَ (ڦيڻ) سان ڪجي.
هان جي ناڪاميابيءَ جي آڌارتي اوهان لاءِ رايو ناهڻ،
دن کي سندن ڦير گهيڙ لاءِ ڏوهه ڏيڻ مثل آهي.
، اوهان هڪ مهان ساگر برابر آهيو
يتوٽيڪ بار سان پريل جهاز اوهان جي ڪناري تي لنگر
ڻ لاءِ آتا آهن ، پر تڏهين به سمنڊ وانگر اوهان
هنجي لهرن کي جلدي ڪوني يا گهرائي نٿا سگهو
، اوهان مندن برابر به آهيو
يتوٽيڪ اوهان پنهنجي سياري ۾ پنهنجي بهار کي
نا مڃيو پرتڏهين به اوهان جي اندر ۾ آرام ڪرڻ وارو
سنت ننڊجي خمار ۾ مشڪي رهيو آهي ۽ اپمان جو انيوُ
حسوس نٿو ڪري،
هو نه سوچيو ته مان اِهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿو چوان ته
وءِ اوهان هڪ ٻئي کي ائين چئو ” هن اسان جي ڏاڍي
اراهه ڪئي، هن اسان ۾ ڀلائي ڏٺي.“

انھن جھرڻن ۽ نندين پنھنجا راڳ بند نہ ڪيا ھئا.
بلڪ خوشيءَ سان وڌيڪ مڌر ۽ تمنائن سان وڌيڪ مھان
بڻجي مون وٽ آيون ھيون اھو ھو اوھان جي اندر جو
ابناسي،
اھو وراٽ پرش جنھن ۾ اوھان سڀ انسان ھڪ (١) جڏي
(cell) ۽ نسن برابر آھيو
اھو جنھنجي مھان ڳاني ۾ اوھان جا سمورا راڳ پُڻ پُڻ
برابر آھن
ان وراٽ پرش ۾ ئي اوھان وراٽ آھيو ان جي درشن ۾
ئي مان اوھان جو درشن ڪيو ۽ اوھان کي پيار ڪيو چوتہ
ايتري ڪيتري دور مفاصلي تي پريم پھچي سگھي ٿو
جو ان وراٽ کيتر ۾ نہ آھي
ڪھڙا سپنا، ڪھڙيون آشائون ۽ ڪھڙيون ڏارنائون ان اڏام
کان بازي ماري سگھن ٿيون ؟
اوھان جي اندر جو وراٽ پرش، وشال وڻ وانگر ميون سان
ڀرپور آھي
ان جي شڪتي اوھان کي پرٿويءَ سان ٻڌي ٿي ان جي
سڳنڌ اوھان کي آڪاش ۾ اُڏامائي ٿي ۽ سندس جٽاو ۾
اوھان امر آھيو.

---

(١) پراڻي وگيان جو ھڪ شبد جنھن سان ملي ڪري پراڻي ماتر جو
شرير ٺھي ٿو.

ڪ ئي پڪ ڪيتريون خوشيون اوھان اڄ ڄاڻائيءَ ۾
ڻي رھيا آھيو.
وھان وٽ ٻيا ڪي آيا آھن جن ڪي توھان پنھنجي شرڌا
ون سونهري آشائون ڏيڻ جي دواران ڏن طاقت ۽ نيڪي
ني آھي
ون توھان ڪي اميدن ڪان بہ گھٽ ڏنو آھي پر تنھن
وندي بہ توھان مون ڏانھن وڏيڪ ادار رھيا آھيو
وھان مون ڪي زندگيءَ بابت گھري اڄ ڏني آھي حقيقت
ر ڪنھن بہ انسان لاءِ ان ڪان وڏيڪ مھان ٻيٽ تي نٽي
سگھي جيڪا سندن سيني اميدن ڪي اڇايل چپ ۽ سندس
سڄي جيون ڪي چشمي ۾ بدلائي ڇڏي ۽
ن ۾ منھنجي عزت ۽ منھن جو انعام سمايل آھي
جڏھين بہ مان چشمي تي پيئڻ اچان تو تہ مان خود
رندہ پاڻيءَ ڪي پياسو ڏسان تو،
جڏھين بہ مان ان ڪي پيئان تو تہ ھو مونکي پيئي تو
وھان مان ڪيترن مونکي ٻيٽ سويڪار ڪرڻ ۾ ايماني ۽
حد ڪان وڏيڪ لچارو سمجھيو آھي مزدوري وٺڻ ۾ مان
بيشڪ حد ايماني رھيو آھيان پر ٻيٽ وٺڻ ۾ نہ،
جڏھين اوھان مون ڪي پاڻ سان گڏ وھاري پوڄن ڪارائڻ
چاھيندا ھئا، مان پھاڙن تي ٻير ڪاڏا ھئا
جڏھين جڏھين اوھان خوشيءَ سان مون ڪي اڇھو ڏيڻ
چاھيندا ھئا، تہ مان مندر جي دالان ۾ سمھيو ھوس پر ڇا

•

مان شبدن ۾ صرف اھو چئي رهيو آهيان جيڪي اوهان پنهنجي ويچارن ۾ خود ڄاڻو ٿا ۽ اِنهن اکرن جو گيان ڇا آهي، شبدن بنا گيان جي پرڇا ئي

اوهان جا ويچار ۽ منهن جي واڻي هڪ سيل مهر ٿيل يادگيريءَ جي لهرن برابر آهن جي اوهان جي گذريل گهڙين ۽ انهن پراچين ڏينهن جو جڏهين پرٿويءَ کي نہ پنهنجو ۽ نہ اسان جو گيان هو، ۽ انهن راتين جو، جڏهين اٿل پٿل ۾ پرٿوي پيدا ٿي هئي، ليکو رکي ٿي،

گياني پرش اوهان کي پنهنجي گيان مان ڪجهہ ڏيڻ آيا آهن، مان اوهان جي گيان سان ڪجهہ وٺڻ آيو هوس ۽ ڏسو مان اهو پاتو آهي جو گيان کان وڏيڪ آهي، اهو آهي اوهان جي اندر ۾ آتم جيون کي سدا وڏيڪ گڏ ڪندڙ "چيتن جيوتي"

جڏهين ڪِ اوهان ان جي وستار تي ڌيان نہ ڏيئي پنهنجي ناس ٿيندڙ ڏينهن لاءِ شوڪ ڪري رهيا اهيو

شريرن ۾ جيون جي کوج ڪندڙ جيون، قبر کان ڊڄي ٿو، هتي قبرون آهن ئي ڪونہ،

هي پهاڙ ۽ هي ميدان هڪ ڏولي ۽ ڏاڪڻ آهن جڏهين اوهان ان کيت مان لنگهو جتي اوهان جا وڏا پوريا ويا آهن تہ اتي ڌيان ڏيو، تہ توهان ڏسندا تہ اتي توهان ۽ توهان جا ٻار هٿ هٿ ۾ ڏيئي نچي رهيا آهن.

اي عجيب انسان، اوچي جبلن جا پريمي، تون انهن
چاين ۾ ڇو ٿو رهين، جتي گرڙ پنهنجو آکيڙو ناهيندا
هن.''

' تون ان جي کوج ڇو ٿو ڪرين جنهن کي پائي نٿو
گهجي''

' کهڙن طوفانن کي تون پنهنجي جار ۾ ڦاسائڻ چاهين
ٿو.''

کهڙي هوا ۾ اڏامندڙ پکين جو تون آڪاش ۾ شڪار ڪرڻ
چاهين ٿو''

اچ ۽ اسان سان گڏجي هڪ ٿي وڃ.
هيٺ لهه ۽ اسان جي روٽين سان پنهنجي بک مٽاءِ ۽
اسان جي شراب سان پنهنجي اُڃ کي سانت ڪر،
پنهنجي هرديه جي ايڪانت حالت ۾ انهن اِهي ڳالهيون
چيون هيون

ليڪن جي انهن جي ايڪانت اڃان به وڌيڪ گهري
هجي هان ته کين معلوم ٿئي هان ته مان اوهان جي
خوشيءَ ۽ غم جي راز جي ڳولها ڪري رهيو هوس ۽ آڪاش
۾ گهمندڙ اوهان جي وراٽ سروپن جو شڪار ڪري رهيو
هوس، ليڪن شڪاري شڪار به هو.

ڇوته منهنجا ڪيترائي تير منهنجي هي هرديه جي کوج
۾ منهنجي ڌنش مان نڪتا هئا ۽ اڏامندڙ،ريڙهيون
پائيندڙ به هو، ڇو ته جڏهن منهنجا کنڀ اس ۾ پکڙيا
هئا ته پرٿويءَ تي انهن جي ڇايا ڪُميءَ وانگر ريڙهيون

اها منهنجي ڏينهن ۾ رات وانگر اوهان جي پريم ڀري چنتا نہ هئي ! جنهن جي وات ۾ ڀوڄن کي مٺو ڪيو ۽ منهنجي ننڊ کي مٺا سپنا ڏنا، ان لاءِ مان اوهان کي بيحد آشيرواد ڏيان ٿو.

اوهان تمام گهڻو ڪجهہ ڏيو ٿا پر اهو نٿا چاهيو تہ ڪجهہ ڏيو بہ ٿا، يا نہ

سچ پچ ڀلائي جڏهين پنهنجو پاڻ درسنيءَ ۾ ڏسي ٿي تہ پٿر ٿي پوي ٿي، ۽

سٺاڪرم جي پنهنجو پاڻ کي سندر نالن سان ڪوٺائن ٿا، پاراتن کي جنم ڏيندڙ ٿيو پون، ۽

اوهان مان ڪيترن مونکي ايڪانت پسند ۽ پنهنجي ايڪانت ۾ هي مدهوش ڏٺو آهي

اوهان ائين چيو آهي تہ ”هو وڻن سان ڳالهائي ٿو، ليڪن ماڻهن سان نٿو ڳالهائي“

”هو ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي اڪيلو ويٺو آهي ۽ اسان جي شهر کي نيچ نگاهن سان ڏسي ٿو“ ۽

اهو سچ آهي تہ مان جبلن جي چوٽين تي چڙهيو آهيان ۽ مان دور دور ديشن جو رٽن ڪيو آهي. خوب مٿي چڙهڻ بنا يا ڪافي دور وڃڻ بنا، مان اوهان کي ڪيئن ڏسي سگهان هان !

دور ٿيڻ بنا، ڪير سچ پچ ويجهو ٿي ڪيئن ٿو سگهي؟ ۽

اوهان مان ٻين بنا شبدن مون کي هن ريت چيو آهي

هان سيني ۾ جو سڀ کان وڏيڪ نربل ۽ گهبرايل ڏسڻ ۾
ي اهو سيني ۾ بلوان ۽ مضبوط آهي.
ا اهو اوهان جو ساهه نه آهي جنهن توهان جي هڏين کي
هيو آهي ۽ کين مضبوط ڪيو آهي، ۽ ڇا اهو هڪ سپنو
، آهي جنهن کي ڏٺو آهي ان جي ياد به اوهان مان
ڪنهن کي به نه آهي جنهن توهان جي شهر ۽ ان ۾ جو به
ڪجهه آهي ان سڀ جي رچنا ڪئي آهي.
ڪڏهين اوهان ان ساهه جي لهرن کي ڏسي سگهو ته
وهان ٻيو سڀ ڪجهه ڏسڻ بند ڪري ڇڏيندا، ۽
ڪڏهين اوهان انهن سيني جي ٻُڻ ٻُڻ ٻڌي سگهو ته
وءِ اوهان ٻيو ڪجهه آواز ٻڌي نه سگهندا، پر توهان نه
سو ٿا ۽ نه ٻڌو ٿا، ۽ اهو نيڪ آهي.
وهان جي اکين تي پيل پڙدو انهن هٿن سان هٽي سگهي
و جنهن ان کي ناهيو آهي، ۽ اها مٽي جا اوهان جي
ڪنن ۾ پريل آهي، انهن آڱرين سان ڪڍي ويندي جن
ان کي پريو آهي. ۽ توهان ڏسندا ۽ توهان ٻڌندا، پر تنهن
هوندي به اوهان هن وقت سوڌو انڌي ۽ ٻوڙي رهڻ تي نه
ڪي تيندا ۽ نه ارمان ڪندا ڇوته ان ڏينهن اوهان سيني
شين جي اندروني راز کي ڄاڻندا، ۽
وهان اونداهيءَ کي ان نموني آشيرواد ڏيندا جيئن
روشنيءَ کي،
انهن ڳالهين چوڻ کان پوءِ هن پنهنجي نگاهه چٽني طرفن

پائيندي هئي ۽
مان وشواسي، بي وشواسي بہ هوس، ڇوتہ اکثر کري مان
پنهنجي گهاوَ ۾ پنهنجي آڱر وڌي آهي جيئن مان توهان
۾ وڌيڪ وشواس پيدا ڪري سگهان ۽ توهان مان وڌيڪ
گيان پراپت ڪري سگهان، ۽
ان وشواس ۽ گيان جي آڌار تي مان چوان ٿو،
توهان پنهنجي ديهہ ۾ بند نہ آهيو ۽ نہ گهرن ۽ نہ کيتن
۾ محدود آهيو،
''تون'' جو آهين، اهو پهاڙن کان مٿي نواس ڪري ٿو ۽
هوا سان گڏ سئر ڪري ٿو''
هي اهو نہ آهي جو گرميءَ ڪري ڌرتيءَ تي ريڙهيون
پائي ٿو ۽ بچاءَ لاءِ اونداهيءَ ۾ ٻِرَ کوٽي ٿو،
بلڪ هڪ وستو آهي، مکت اها چيتنا جا پرٿويءَ کي
سپرش ڪري ٿي ۽ آڪاش جي هوا ۾ سئر ڪري ٿي،
جيڪڏهن هيءَ اکر صاف نہ اهن تہ انهن کي صاف ڪرڻ
جي ڪوشش نہ ڪجو،صفائي ۽ ڏنڌ سيني شين جي
شروعات آهي ۽ نہ پڇاڙي ۽ منهنجي اِها هاردڪ اڇا
آهي تہ اوهان مون کي پراچين وانگر ياد ڪريو.
جيون ۽ جيوماتر جو گرڀ دان اونداهيءَ ۾ ئي ٿيندو آهي
۽ نہ روشنيءَ ۾ ، ۽ ڪير ٿو ڄاڻي تہ روشنيءَ جي ڪمزور
اوستا ئي اونداهيءَ جو نالو هجي،
مان چاهيان ٿو تہ مون کي ياد ڪرڻ لاءِ توهان هيءَ ياد
رکو

ڀي گڏ اڇلو پوندو ۽ داتا جي سامهون گڏجي هٿ
ڳهيڙڻا پوندا .
هو وساري نہ ڇڏ جو تہ مان وري توهان وٽ ايندس.
وري وقت ڪان پوءِ منهنجي خواهش ٻئي شرير لاءِ مٽيءَ
پاڻيءَ کي گڏ ڪندي، ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ هوا تي
ورو آرام ڪرڻ ڪان پوءِ ڪابي ماتا مونکي ڏارڻ ڪندي.
وڪلاڻي توهان سان ۽ ان جوانيءَ سان جيڪا مون اوهان
سان گڏ گذاري آهي.
يءَ تہ اسان ڪلهہ سپني ۾ گڏ يا هئاسي.
توهان منهنجي ايڪانت ۾ منهنجي لاءِ ڳايو آهي ۽ مان
آڪاش ۾ اوهان جي خواهشن جو منارو ٺاهيو آهي.
ر هاڻ اسان جي ننڊ ڦٽي چڪي آهي اسان جو سپنو ٽٽي
چڪو آهي ۽ هاڻ پرڀات بہ نہ رهي آهي ٻپهرين اسان
جي مٿان آهي ۽ اسان جو خمار ڏينهن تي چڪو آهي،
سان کي الڳ ٿيڻ ئي گهرجي.
يادگيريءَ جي سنجها ويلي اسان وري جي گڏياسون تہ
اسان وڏيڪ ڳالهيون ڪنداسون ۽ اوهان مون لاءِ وڏيڪ گهرا
راڳ ڳائيندا،
جڏهن اسان جا هٿ ڪنهن ٻئي سپني ۾ ملندا تڏهين
اسان آڪاش ۾ هڪ ٻيو منارو ٺاهينداسي.
ايترو چئي هن ملاحن کي اشارو ڪيو ۽ انهن جلدي لنگر
پٽيو ۽ جهاز کي کولي ڇڏيو ۽ ايرندي طرف روانا ٿيا،

ڦيري ۽ هن ڏنو تہ سندس جهاز جو هلائيندڙ پنهنجو ونجهہ سنڀالي ڪڏهين ڪليل سڙهن ڏانهن تہ ڪڏهين رستي ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ هن چيو،
منهنجي جهاز جو ڪپتان ڏيرجوان ۽ بيحد ڏيرجوان آهي،
هوا هلي رهي آهي ۽ سڙه بي چئن آهي. ونجهہ بہ آگيا چاهي ٿو
پر تنهن هوندي بہ منهنجو ڪپتان چپ چاپ منهنجي ڇُپيءَ جي راهه ڏسي رهيو آهي ۽ هيءُ منهنجا ملاح جن مهاساگر جو راڳ ٻڌو آهي ڏيان سان منهنجون ڳالهيون ٻڌي رهيا آهن.
هاڻ هو وڌيڪ انتظار ڪونہ ڪندا، مان تيار آهيان.
نندي سمنڊ ۾ پهچي ويئي آهي ۽ هڪ دفعو وري بہ مهان ماتا پنهنجي ٻالڪ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿي.
الوداع، آرفاليز جا شهر واسيو.
هيءَ ڏينهن پورو ٿي چڪو .
هيءُ ان ريت ڪومائجي رهيو آهي جهڙيءَ ريت ڪمل پنهنجي ايندڙ سڀاڻي لاءِ ڪومائبو آهي.
اسان کي جيڪي ڪجهہ اڄ مليو آهي ان کي پاڻ وٽ قابو رکنداسي، ۽
جيڪڏهين اهو اڄان ڪافي نہ آهي تہ اسان سڀني کي

۽

انھن انسانن اندران ھڪ چيخ ان وانگر نڪتي جڻ تہ ھڪ ئي ھردي مان نڪتي ھجي ۽ جڻ تہ شام جي ڏنڌلي مان ھلي ۽ ڏڪڙ وانگر وڃندي سمنڊ مٿان ويئي.

صرف المترا جيسين جهاز ڪوھيڙي ۾ ڍڪجي نہ ويو، ھن ڏانھن گھور ڪري نھاري رھي ھئي ۽ چپ ھئي ۽ جڏھين سڀ انسان ٽڙي پکڙي ويا تڏھين ھوءَ ھن جي ان چوڻ کي تہ''ڪجھہ وقت کان پوءِ ھوا تي ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ ڪابي ماتا مونکي ڏارڻ ڪندي'' پنھنجي من ۾ ياد ڪندي سمنڊ جي ڪناري تي اڪيلي بيٺي ھئي.

ـب (واقفيت)



سلامتراءِ گرباڻيءَ جو جنم ۱۲ جون
چنچروار) تي خيرپور رياست جي گنمبت تعلقي
ت محمد واهڻ (ٻيلهاڙي) ۾ ٿيو. هن ۱۹۴۵ ۾
يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي. هت
اچي سرڪاري نوڪريءَ ۾ رهندي M.A.,LLB.
ري سرڪاري نوڪريءَ مان استيفا ڏيئي وڪالت
ي ۾ گهڙيو.
سنڌ کان هي هن جو لاڙو سماجڪ ڪمن ۾ رهيو
تي جي خيرپور رياست وديارٿي منڊل ڪراچيءَ
ڪريٽري رهيو. قومي هلچل ۾ ٻه هن ڀرو ورتو.
جيپور جي سنستا سنڌو وئلفيئر سوسائٽي جو وڏان ناهڻ ۽ ان جي برپا ڪرڻ
و اهم رول هو ۽ ان سنستا جو شروعاتي وائس پريزيڊنٽ رهيو ان سنستا جي
ڪاميٽي ۽ ان جي زير سايه ٿيندڙ ڪم هن جي دين آهي. سنڌو ڪلچرل
ءَ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ ٻه ڪجهه سال ميمبر رهيو. اکل ڀارت سنڌي ٻولي
سڀا مبئيءَ جي ڇهين ساليانيءَ جلسي ۱۹۶۳ جيپور ۾ ٿيندڙ جي آجيان
ءَ جو هو جنرل سيڪريٽري رهيو. ۱۹۶۹ ۾ جيپور ۾ مهراڻ اخبار جي برپا ڪرڻ
و خاص يوگ دان رهيو ۽ ۱۹۶۹ کان ۱۹۷۲ سوڌو هو ان اخبار جو سمپادڪ رهيو.
برهمپوري رفيوجي هائوسنگ سوسائٽي ڪنور نگر جو ٻه هو ٻه دفعا سيڪريٽري
يپور ۾ ٿيندڙ ڪنوررام ورسي هن جي ڪوشش جو نتيجو آهي. اکل راجستان
ت فيڊريشن ۽ جهولي لال مشن جو هو وائس پرزيڊنٽ رهيو. سنڌي ڪانگريس
و سيڪريٽري رهيو ۽ جيپور چيٽي چنڊ ميلا ڪاميٽيءَ ۾ هو لڳاتار ٻه سال
ٽري ۽ پوءِ ان ڪاميٽيءَ جو چيئرمين پڻ رهيو. موجوده وقت ۾ هو سنڌو جيون
سيڪريٽري ۽ راجستان سنڌي اڪادميءَ جو خزانچي آهي.
الڳ الڳ وشين تي هو لکندو رهيو آهي ۽ لکندو رهي ٿو ۽ ليک سيمينارن ۾
ونندو رهيو آهي. هن جي ليکن ۾ ۽ ليک سيمينارن ۾ ڀري ونڻ وقت هن ۾
جي تڙپ جو جذبو ظاهر ٿي ٻهندو آهي. آل انڊيا ريڊيو ۽ دور درشن (ٽي. وي.)
وگرامن ۾ ٻه ايندو رهيو آهي. هي ءَ ڪتاب سنڌس پهرين اشاعت آهي.

ڊاڪٽر جي. ٽي. ڀٽ

25.1